ماھانا

# سائنس

فيبروري ١٩٧٢ع



# ماهنامه سائنس

ڊئريڪٽوريٽ آف ايڊيوڪيشن حيدرآباد ريجن طرفان تعليمي ادارن لاءِ منظور ڪيل


سال ...... [۲]

پرچو ...... [۲]

فيبروري ۱۹۷۲ع

قيمت

في ڪاپي ——— ۷۵ پئسا

ساليانو ——— ۹ رپيا



مئنيجنگ ايڊيٽر

ڊاڪٽر ممتاز علي قاضي

اسسٽنٽ ايڊيٽر

مرتضيٰ پيٽي - ظفر حسن

آفيس

” انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري “

يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو

فون :— 5981/9



خط و ڪتابت جي ائڊريس

مضمونن لاءِ :- ” ايڊيٽر “ ماهنامه سائنس

سالانه خريداري لاءِ :- ”مئنيجر“ ماهنامه سائنس

آرٽسٽ :- محمد يوسف پناڻ



Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.    پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# فهرست

## وڏن جا صفحا


| مضمون | مضمون نگار | صفحو |
|---|---|---|
| وائرس (Virus) | هدايت الله - اي - اڄڙو<br>ايم - ايس سي [باٽني] (پي - ايڇ - ڊي)<br>ڊپارٽمينٽ آف باٽني - سنڌ يونيورسٽي | ٥ |
| خلائي تجربن مان | والٽر سلي وان | ٦ |
| عام ماڻهن کي فائدا | مترجم- غلام رسول ڪٽپر<br>مکسي محلو - شڪارپور | |
| باه وسائڻ جا اوزار | فضل الرحمان "فيض" ڏيپلائي<br>حيدرآباد سنڌ | ٧ |
| دنيا جا قدرتي خطا (قسط - ٣) | ڊاڪٽر عبدالرحيم ملڪ<br>ڊپارٽمينٽ آف باٽني<br>سنڌ يونيورسٽي - ڄامشورو | ٩ |
| پکين ۾ انساني خصلتون | اداره | ١٣ |
| ارشميدس | اداره | ١٥ |
| موزون ڪاڏو - صحت جو ضامن | محمدقاسم رند بلوچ<br>ريسرچ اسسٽنٽ<br>ايڪرونامي سيڪشن- ٽنڊو ڄام | ١٧ |
| سائنس جي رفتار | اي - ايف - ميمڻ - ٻولهاڙي<br>سڪندرعلي مغل - لاڙڪاڻو<br>مظفرحسين ميمڻ - خيرپور ميرس<br>غلام رسول ڪٽپر - شڪارپور | ٢١ |
| جيتن جو سفر | محمداقبال شيخ<br>غريب آباد - سکر | ٢٣ |


## ٻارن جا صفحا


| مضمون | مضمون نگار | صفحو |
|---|---|---|
| چنڊ ۽ انجي اصليت | ڊي - ايم - پروانو - شڪارپور | ٢٦ |
| راڪيٽ جو موجد | ڊاڪٽر يونس حسيني<br>مترجم :- منظور احمد ميمڻ<br>حيدرآباد | ٢٧ |
| سائنس ڪلب | ميمبرن جا نالا | ٢٩ |
| ڏينهن معلوم ڪرڻ جو ڪئلينڊر | فهميده ميمڻ - حيدرآباد | ٣١ |
| پڇو ۽ پرايو | سوالن جا جواب | ٣٢ |
| جانورن جون حيرت انگيز اکيون | عبدالرزاق شيخ- لاڙڪاڻو | ٣٣ |
| ذهني آزمائش | " " " | ٣٥ |
| سائنسي معلومات | خليل الله شيخ - نئون ديرو<br>آفتاب احمد شيخ- لاڙڪاڻو<br>غلام رسول نظاماڻي- گهاپورماتلي | ٣٧ |
| سائنسي خبرون | خدابخش اڄڙو - حيدرآباد<br>سڪندرعلي مغل - لاڙڪاڻو | ٣٨ |
| راز ۽ رمزون | دليپ ڪمار تاراچند- ڪنڊڪوٽ<br>مظهرعلي مغل - لاڙڪاڻو<br>عبدالنجيب پنهور - ميرپورخاص<br>ايازعلي - اين - شيخ ، شڪارپور | ٣٩ |



بسم الله الرحمن الرحيم

وَالْقَمَرَ قَدَّرْنٰهُ مَنَازِلَ حَتّٰی عَادَ كَالْعُرْجُوْنِ الْقَدِيْمِ ○
لَا الشَّمْسُ يَنْبَغِیْ لَهَآ اَنْ تُدْرِكَ الْقَمَرَ وَلَا الَّيْلُ سَابِقُ
النَّهَارِ ؕ وَ كُلٌّ فِیْ فَلَكٍ يَّسْبَحُوْنَ ○

(سوره ياسين — ٣٦)

”۽ چنڊ جون ٻه اسان منزلون مقرر ڪري ڇڏيون ، ايتري تائين جو (گهنجي گهنجي) ڪجور جي پراڻي شاخ وانگر ٿي وڃي ٿو. نه سج ڪان ٿي ٿي سگهي ٿو ته (اهو) چنڊ کي وڃي جهلي ۽ نه رات ٿي ڏينهن ڪان اڳ اچي سگهي ٿي. سڀ پنهنجي پنهنجي دائره ۾ تري رهيا آهن“.

# ايڊيٽوريل



٢٠- جنوريءَ تي ملتان ۾ سائنسي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي مملڪت جي نئين سربراه سائنسدانن تي زور ڏنو ته اهي قومي وقار کي بلند ڪرڻ لاءِ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪن. موصوف ان موقعي تي فني ايجادن جي حوصله افزائيءَ لاءِ سائنسدانن کي هر سال ڏهه صدارتي انعام ۽ ٻيون سهوليتون ڏيڻ جو پڻ اعلان ڪيو. اسين حڪومت جي اهڙي قدم جو اصولي طور تي خيرمقدم ڪريون ٿا ڇو ته سائنسي ترقيءَ لاءِ جنهن عزم ۽ جذبي جو اظهار ڪيو ويو آهي، اهو ملڪ جي سائنسدانن، نوجوان شاگردن ۽ عوام جي امنگن جي عين مطابق آهي ۽ اڄ اسين واضح طور تي ڏسي رهيا آهيون ته خوشحال ملڪن جي ترقي ۽ برتري سائنسي علوم جي ئي مرهون منت آهي.

پڙهندڙن کي ياد هوندو ته جولاءِ ١٩٧١ع جي پرچي ۾ اسان اهڙي ضرورت کي محسوس ڪندي پنهنجي ايڊيٽوريل ۾ اها راءِ ظاهر ڪئي هئي ته:-

”سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي اثر هيٺ تيزيءَ سان بدلجندڙ هيءَ دنيا هنوقت اهڙي دؤر ۾ داخل ٿي چڪي آهي جنهن ۾ مادي ترقيءَ جي راهه ۾ پيش ايندڙ رنڊڪن جو مقابلو محض جذباتي بحث و مباحثه سان نه بلڪ منظم ۽ عملي اقدام سان ئي ڪري سگهجي ٿو.“

هن سائنسي دؤر جي پڻ اهائي تقاضا آهي ته اسين قومي سطح تي سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ جيتري قدر ممڪن ٿي سگهي تيزيءَ سان ترقي ڪريون. صنعت، زراعت، دواسازي ۽ ٻين سينئي شعبن ۾ اسانکي ائٽمي ٽيڪنالاجي جي ماهرن ۽ ٻين سائنسدانن جي اشد ضرورت آهي. سائنسي تحقيق جي اهميت جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته اسانجي زراعتي ملڪ ۾ ڪڻڪ جي پيداوار ۾ جيڪو غيرمعمولي اضافو ٿيو آهي، اهو پڻ سائنسي تحقيق جو ئي نتيجو آهي. نه رڳو ايترو پر اڄوڪي دؤر ۾ دفاعي ۽ فوجي نقطه نظر کان به سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي اهميت روز روشن وانگر ظاهر ٿي چڪي آهي. اهو صحيح آهي ته ائٽمي قوت جو استعمال ”پر امن“ ٿيڻ گهرجي پر جيسين تائين ڪمزور ۽ طاقتور قومن جي چٽاپيٽي قائم هوندي ۽ دنيا جون طاقتور قومون هٿيارن جي مڪمل خاتمي جي فيصلي تي نه پهچنديون، تيسين هر قوم کي پنهنجي دفاع لاءِ جديد سائنسي ايجادن کي استعمال ڪرڻ جو پورو حق حاصل رهندو ۽ انهيءَ کانسواءِ ڪنهن به قوم لاءِ پنهنجو قومي وقار برقرار رکڻ ممڪن نٿو ٿي سگهي.

هن موقعي تي اسين ارباب اختيار کي اهو مشورو ڏينداسين ته سائنسي ترقيءَ لاءِ جيڪا به آخري منزل مقرر ڪئي ويندي، ان تائين ڪاميابيءَ سان پهچڻ جو دارومدار اسانجي تعليمي نظام ۽ خود شاگردن جي تعليمي ڪردار ۽ صلاحيتن تي ٿيندو. ملڪ جا تعليمي ماهر يقينا اسانجي انهيءَ خيال سان اتفاق ڪندا ته نئون تعليمي نظام سائنسي ترقيءَ جي مقصد سان هم آهنگ هئڻ گهرجي. اهو تعليمي نظام اهڙو هجي جنهن ۾ شاگردن جي صلاحيتن کي اڀرڻ جو موقعو ملي سگهي ۽ هر معاملي ۾ ٻين جي تقليد جي بدران انهن ۾ تخليقي جذبو ڪارفرما ٿئي ۽ ايجادي صلاحيتون زور وٺن.

اسانکي اميد آهي ته زيرترتيب نئين تعليمي پاليسيءَ ۾، جنهن ۾ ملڪ جي برک سائنسدانن جي مشورن کي به شريڪ ڪيو ويو آهي، موجوده دؤر جي تقاضا مطابق سائنسي ترقيءَ جي مقصد کي اولين ترجيح ڏني ويندي ۽ نئين نسل جي صحيح رهنمائيءَ لاءِ حڪومت جي تعليمي پاليسين سان گڏوگڏ نشريات ۽ اشاعت جي ذريعن وسيلي پڻ مؤثر قدم کنيا ويندا.

# دنيا جو عجيب ۽ نقصانڪار جيتامڙو

# "وائرس" - (VIRUS)

"نڪي منجهه جيئرن، نڪي ملن مئن ۾،
اهڙا پيا پسجن، پسون هن پاتال ۾."

اُها ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا مئل ۽ بيجان هوندي به جيئرن ۽ جاندران ۾ شامل ڪئي ويندي آهي؟ انسان، جانور پکي، وڻ، ٻوٽا ۽ گل سڀ جاندار شين ۾ ليکيا ويندا آهن ۽ هيرا، پٿر، پاڻي، سون، ڪاٺ ۽ شيشو سڀ بي جان شين ۾ شمار ڪيا ويندا آهن. انسان ذات لاءِ ڪنهن بي جان شئي کي جاندار شئي ۾ تبديل ڪرڻ ممڪن نه آهي. پر قدرت جاندارن کي بيجان ۽ بيجان کي جاندار ڪري ٿي. ان هڪ اهڙي شيءِ به خلقي آهي جنهن کي هڪ لحاظ کان سوچيندي جاندار چئون ٿا ۽ ٻئي لحاظ کان ان کي بيجان شين ۾ شمار ڪريون ٿا. سائنسي اصطلاح ۾ انکي " وائرس" (Virus) چئبو آهي.

"وائرس" کي هيٺين سببن ڪري جاندار نه ٿو چئي سگهجي :-

۱- ان ۾ ساهه کڻڻ جو نظام ڪونه ڏنو ويو آهي.
۲- اهو اڪيلي سر زندهه نٿو رهي سگهي.
۳- اهو لوڻ ۽ کنڊ وانگر قلمي صورت يا ڪرسٽل فارم (Crystal form) ۾ دستياب ٿي سگهندو آهي.
۴- ان جي نسبتي ڳهاڻائي (Sp: Gravity) جاندار شين جي نسبتي ڳهاڻائيءَ کان وڌيڪ هوندي آهي.

پر اهڙن سببن جي باوجود ڪن سائنسدانن هن جيتامڙي کي جاندار تسليم ڪيو آهي، ڇاڪاڻ ته هن ۾ جاندار هجڻ جون پڻ ڪيتريون ئي خاصيتون موجود آهن، مثلاً:-

۱- ان کي جاندارن وانگر مخصوص شڪل شبيهه آهي.
۲- هي پنهنجو نسل ٻئي ورهاست ذريعي وڌائي سگهي ٿو ۽ وڌندو ويماندو آهي.
۳- هي جاندار شين وانگر سرديءَ ۽ گرميءَ کان بچڻ خاطر ردعمل ڏيکاريندو آهي.

انهن سيني خاصيتن ڪري هن جيتامڙي کي هڪ خاص مقام حاصل آهي ۽ ان کي ڏسڻ سان اسان کي رب تعاليٰ جو سائنس




حڪم ياد ٿو اچي ته "عبرت حاصل ڪريو الله جي خلقيل شين مان اي اکين وارؤ!" انهن ٻنهي متضاد نظرين کي تصور ۾ رکي "روس" سائنسدانن وچ وارو رستو اختيار ڪيو آهي ۽ هو وڏن وائرس کي جاندارن ۾ ۽ ننڍن وائرس کي بي جان شين ۾ تقسيم ڪري ٿو.

"وائرس" نالي "هن ننڍڙي پر وهه جي ڳنڍڙي" جي باري ۾ اسان کي هيءَ به معلوم آهي ته اها دنيا ۾ ننڍي ۾ ننڍي زنده شئي آهي. ان جي جسم جي قد و قامت ۸ کان ۳۰۰ مائيڪران ٿيندي آهي. (هڪ ملي مائيڪران هڪ انچ جي اڍائي لکوئي حصي جي برابر آهي). مطلب ته هيءَ ايترو ته ننڍڙو آهي جو انڪل ڏهه لک وائرس سئيءَ جي ڀاڪڙي ۾ سمائجي سگهن ٿا.

هن کي ڪنهن طاقتور اليڪٽراني خوردبين کانسواءِ ڏسي نه ٿو سگهجي. هيءَ نه رڳو انسان ذات لاءِ پر جانورن ۽ ٻوٽن لاءِ پڻ نقصانڪار آهي.

وائرس انسان ذات ۾ ماتا ۽ انفلوئنزا، باندرن، ڳٽن ۽ ٻلين ۾ وات ۽ پيرن جون بيماريون پيدا ڪندو آهي ۽ ڪمند، پٽاٽن ۽ تماڪ جي پوک ۾ به ڪيترائي مرض پيدا ڪري ٿو.

وائرس هڪ اهڙو جاندار آهي جيڪو پنهنجو کاڌو پاڻ ڪڏهن به تيار نه ڪندو آهي پر ٻين جاندارن مان حاصل ڪندو آهي. وائرس ڪنهن زنده جسم تي حملو ڪندو آهي ۽ ان جي اندر داخل ٿي ان کي کائيندو آهي. وائرس جي جسم ۾ واڌ اچڻ کانپوءِ هو ڪيترن ئي ٻين ننڍن وائرس کي پيدا ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح اهو جنهن جسم تي پلبو آهي ان کي نـــــي

(بقايا ڏسو صفحو ۸)

# پکين ۾ انساني خصلتون

دنيا ۾ کيتريون ئي پراڻيون حقيقتون اڄ افسانو بڻجي چڪيون آهن ۽ کيترائي افسانا آهن جن هاڻي حقيقت جي صورت اختيار ڪئي آهي. سائنسي ايجادن جتي ڪيترن خوابن کي شرمنده تعبير ڪيو آهي، اتي ڪيترن الف ليلوي داستانن بابت پڻ اها اڳڪٿي ڪئي آهي ته ٿي سگهي ٿو ته ايندڙ زماني ۾ اهي حقيقتون بڻجي وڃن.

ان سلسلي ۾ ڪي روايتون نهايت دلچسپ ۽ عجيب آهن. هڪ دؤر هو جڏهين ماڻهو انهن تي اکيون پوري ايمان آڻيندا هئا. پوءِ هڪ وقت اهڙو آيو جڏهين انهن کي خيالي ڳالهيون تصور ڪيو ويو. وري جڏهين سائنس پنهنجي تحقيق ۽ باريڪ بينيءَ جا دروازا کوليا ته انسان ٻيهر اهو سوچڻ تي مجبور ٿيو ته جن ڳالهين کي اڳي محض خيالي سمجهيو ويندو هو اهي حقيقي روپ اختيار ڪري چڪيون آهن. اهڙائي دلچسپ ۽ عجيب داستان پکين بابت پڻ موجود آهن جنتي هاڻي پکين جي نفسيات جي روشنيءَ ۾ سنجيدگيءَ سان غور ڪيو پيو وڃي.

برصغير پاڪ وهند ۾ پکين جي ذهانت بابت ڪي روايتون قديم زماني کانولي مشهور آهن. مثال طور هڪ اها ته ڪن خاص پٿرن ۽ جڙي ٻوٽين کي انهن جي خاصيتن جي آڌار تي انسان نه پر رڳو پکي ئي سڃاڻي سگهن ٿا. پکين جي انهيءَ حس جو مثال اهڙو آهي جيئن نور بابت چيو ويندو آهي ته انکي هڪ اهڙي ٻوٽيءَ جي خبر آهي جيڪا نانگ جي زهر کي زائل ڪري ڇڏي ٿي. اهڙيءَ طرح ”پارس“ نالي مشهور پٿر (جنهن جي باري ۾ روايت آهي ته انجي ڇهڻ سان لوه، سون بڻجي پوندو آهي) جي سڃاڻپ فقط ”هد هد“ پکي ڪري سگهي ٿو. اهو پکي جهنگلن ۽ باغن جي وڏن وڏن وڻن ۾ سوراخ ڪري انهن جي اندر پنهنجو آکيرو ٺاهيندو آهي. جيڪڏهين ان آکيري کي اهڙي وقت پٿر جي آڏ سان بند ڪري ڇڏجي، جڏهين هد هد جا ٻچا انجي اندر هجن ۽ پاڻ ٻاهر ويل هجي ته واپسيءَ تي هو پنهنجي آکيري کي بند ٿيل ڏسي ڏاڍو پريشان ٿيندو آهي ۽ پٿر کي هٽائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندو آهي. پوءِ ٻيو ڪو چارو نه ڏسي هو ”پارس“ پٿر کي ڳولي آڻيندو ۽ انکي آکيري واري پٿر سان



گسائيندو ته اهو پگهرجي پوندو ۽ آکيري جو منهن کلي ويندو. ”پارس“ جو هڪ تاثير اهو پڻ چيو وڃيٿو ته ان کي جيڪڏهين ڪنهن عام پٿر سان ڇهبو ته اهو پٿر پگهرجي ويندو. آکيري کي کولڻ کانپوءِ هد هد ان پارس کي اڇلائي ڇڏيندو آهي جيڪو پوءِ ان آکيري جي آسپاس هٿ اچي سگهي ٿو.

هڪ ٻي دلچسپ روايت چورن بابت آهي ته انهن وٽ هڪ اهڙي ڪاٺي هوندي آهي جنهنکي لوهه سان لڳائڻ سان لوهه پگهرجي ويندو آهي. چور اها ڪاٺي قفل ٽوڙڻ لاءِ استعمال ڪندا آهن. چيو وڃيٿو ته ان ڪاٺيءَ جي سڃاڻپ به فقط سرڻ ئي ڪري سگهي ٿي. اهڙي ڪاٺي حاصل ڪرڻ لاءِ سرڻ جو آکيرو ڳولي ان مان انجو ٻچو هٿ ڪيو وڃيٿو. پوءِ انجي پير ۾ هڪ ننڍڙي لوهه جي زنجير ٻڌي ويندي آهي جنهنڪري هو اڏامي نه سگهندو آهي، انجي ماءُ (سرڻ) جڏهن ٻچي کي اهڙي معذوريءَ جي حالت ۾ ڏسندي آهي ته پوءِ اها انهيءَ ڪاٺيءَ جي ڳولا ۾ نڪرندي آهي ۽ اها هٿ ڪري ان سان زنجير کي ٽوڙيندي آهي ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي ٻچي کي آزاد ڪرڻ کانپوءِ سرڻ اها ڪاٺي اڇلائي ڇڏيندي آهي پوءِ چور کڻي ولندا آهن.

مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي روايتن مان جيڪا خاص ڳالهه معلوم ٿئي ٿي، سا اها ته پکين ۾ ڪا نه ڪا اهڙي حس ضرور موجود آهي جيڪا انسانن ۾ نه آهي. انهيءَ غير معمولي حس جي آڌار تي پکين کي ڪنهن ” باد پيما “ يا ” طوفان پيما “ جهڙي اوزار کانسواءِ ئي موسم جي خبر پئجي سگهندي آهي.

# ارشميدس

## (Archimedes)



اٽليءَ جي ڏکڻ ۾ بحيره روم جو سڀ کان وڏو ٻيٽ سسلي واقع آهي جنهنجي اڀرندي ڪناري تي "سيراڪوس"(Syracuse)نالي اٽڪل اڍائي هزار سال پراڻو شهر ۽ بندرگاهه موجود آهي. هن ئي شهر ۾ يوناني دؤر جو سڀ کان وڏو سائنسدان"ارشميدس" پيدا ٿيو.

يوناني علم وفضل جي ان قديم دؤر ۾ ارشميدس کان اڳ ڪيترائي وڏا دانشور ٿي گذريا آهن جنکي سائنس دان جي صف ۾ جڳهه ملي آهي پر انهن مان گهڻا فيلسوف وڌيڪ ۽ سائنسدان گهٽ هئا چو ته انهن جون دماغي ڪاوشون زياده تر فلسفي ۽ حڪمت تي مرڪوز هيون، سائنس ۾ انهن جي تحقيقات جو حصو تمام گهٽ هو ۽ جيڪي ڪجهه هو سو به رڳو نظرياتي هو جنهن ۾ تجربن ۽ ايجادن کي ڪو به دخل ڪونه هوندو هو. ارشميدس ان لحاظ کان انهن سڀني ۾ انفرادي حيثيت رکيتو چو ته هن پنهنجي سڄي عمر عملي تحقيقات ۾ گذاري ۽ هن پنهنجي نظرين کي تجربن سان ثابت ڪري ڏيکاريو. تنهن کانسواءِ هن سائنسي اصولن کي عملي جامو ڍارائي ڪيتريون ئي ڪارآمد ايجادون پڻ ڪيون ۽ انهن کي عملي زندگيءَ ۾ ڪاميابيءَ سان استعمال ڪيو.

جيئن ته نظرياتي سائنس، تجرباتي سائنس ۽ ايجادون، سائنس جون ئي وڏيون شاخون آهن ۽ ارشميدس پهريون شخص آهي جنهن جا ڪارناما سائنس جي انهن ٽنهي شاخن ۾ ورهايل آهن. انهيءَ لحاظ کان اها دعويٰ صحيح آهي ته ارشميدس دنيا جو پهريون ڪامل سائنسدان آهي.

ارشميدس جو پيءُ هڪ سکيو ماڻهو هو جنهن کيس تعليم ڏيارڻ ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏي. انهيءَ زماني ۾ علم و فن جي مرڪز جي حيثيت سان ائٿنس (روم) جي عظمت ختم ٿي چڪي هئي ۽ انجي جاءِ اسڪندريه(مصر) ورتي هئي، تنهنڪري اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جا خواهشمند شاگرد اسڪندريه جو رخ ڪندا هئا ۽ ارشميدس به پنهنجي ننڍپڻ کان جوانيءَ تائين اسڪندريه ۾ ئي تعليم حاصل ڪئي.

اسڪندريه ۾ قيام جي دوران ارشميدس پنهنجي اختراعي قوتن کان ڪم وٺڻ شروع ڪيو. هن مصرين جي فرمائش تي پاڻي مٿي چاڙهڻ جو هڪ اوزار ايجاد ڪيو، جيڪو ان دؤر جو يادگار ليکيو وڃيٿو. اهو اوزار جنهنکي "ارشميدس جو پيچ" سڏجي ٿو، ورن وڪڙن واري هڪ کوکلي نليءَ تي مشتمل ٿئي ٿو جنهنجي هيٺين ڇيڙي کي پاڻيءَ ۾ وجهي، نليءَ کي ٿورو آڏو جهلي ان جي محور جي چوڌاري ڦيرايو وڃي ته پاڻي ان ۾ مٿي چڙهي اچيٿو. ان اوزار کي دريائن يا تلائن مان پاڻي مٿي چاڙهڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو.

ارشميدس جڏهين اسڪندريه مان فارغ التحصيل ٿي پنهنجي وطن "سيراڪوس" واپس موٽيو ته ان شهري رياست تي "هيرو" (Hiero) نالي هڪ بادشاه جي حڪومت هئي. ارشميدس پنهنجي علمي لياقت جي آڌار تي جلد ئي بادشاه جو درباري ۽ صلاحڪار بڻجي ويو جنهنڪري شاهي خاندان سان سندس گهرو تعلق رهندو هو. ارشميدس پنهنجي عهد جو واحد شخص هو، جيڪو ليور (Lever) ۽ چرخين جي اصول کان واقف هو ۽ ان جي عملي استعمال ۾ کيس ايتري ته مهارت حاصل هئي جو هن هڪ محفل ۾ چرچي طور دعويٰ ڪئي ته:-




# * جيتن جو سفر *

ننڍڙا حيوان، جن ۾ جيت جڻيا بہ شامل آهن، اسانکي عام طور پنهنجن گهرن، بنگلن ۽ باغيچن ۾ نظر ايندا آهن، انهن جي حرڪت ڪرڻ يعني هڪ جاءِ کان ٻيءَ جاءِ تي وڃڻ هڪ حيرت انگيز عمل آهي. ڪي جيت اهڙا آهن جيڪي چند فوٽن جو فاصلو طئہ ڪرڻ ۾ مهينا لڳائي ڇڏين ٿا ۽ ڪي وري اهڙا آهن جيڪي چند ڪلاڪن جي اندر ڪيئي ميلن جو پنڌ ڪري ويندا آهن. مثال طور نانگ کي ڏسو- انجو هڪ ننڍڙو ۽ زهريلو قسم ”سبزي“ نالي آهي جيڪو وڻ جي شاخن سان لٽڪيل هوندو آهي- هي نانگ وڻن جي هڪ شاخ کان ٻيءَ شاخ تائين ٽپا ڏيندو ڏسندي ئي ڏسندي ميلن جا ميل طئہ ڪري ويندو آهي- جانورن جي دنيا جيتري وسيع ۽ همہ گير آهي اوتري ئي عجيب ۽ غريب بہ آهي، جنهن ۾ قدم قدم تي اهڙا تہ حيرت انگيز واقعا نظر ايندا جو انهن حقير حيوانن جي ذهانت کي تسليم ڪرڻو پوندو.

باغيچن ۾ رات جو هڪ ننڍڙو جيت نظر ايندو آهي جنهن کي ”گهونگهو“ چئبو آهي. انجي کل نهايت ئي سنهي ۽ چمڪندڙ هوندي آهي ۽ اهو عموما رات جي اونداهيءَ ۾ سفر ڪندو آهي تہ جيئن پکين جي تعاقب ڪندڙ نظرن کان بچي سگهي. هي جڏهن سخت زمين يا تيز ڌار واري گاه تي هلندو آهي، تہ انجي وات مان هڪ ليس دار مادو خارج ٿيندو آهي جيڪو ان جي جسم هيٺان غاليچي جيان وڇائندو ويندو آهي. هن جيت لاءِ اهو ليس دار مادو تمام گهڻو ضروري آهي. توهان ان جي راه ۾ ريزر بليڊ رکو، مگر هي جيت ان بليڊ جي تيز ڌار تان بہ بنا ڪنهن خوف جي لنگهي ويندو. ان جي بچاءَ جو سبب اهو ليس دار مادو آهي جنهن سان هو پنهنجي سفر لاءِ سڙڪون ٺاهيندو آهي- صبح جو سوير توهان باغيچي ۾ وڃي ڏسندا تہ رات جي پيل ساڪ جي ننڍن ننڍن موتين جي درميان ڪٿي ڪٿي ڏگهيون سفيد ليڪون بہ هونديون آهن- هي آهن اهي ’سڙڪون‘، جيڪي انهيءَ ننڍڙي جيت پنهنجي سفر لاءِ ٺاهيون آهن. اهڙين سڙڪن کي ”ڪار پٽ“ چوندا آهن. سڙڪ ٺاهڻ وارو هي ليس دار مادو، جيت جي غدودن ۾ پيدا ٿيندو آهي جيڪو حرڪت ڪرڻ سان جسم سان خارج ٿيندو رهندو آهي. هي ننڍڙو جيت هڪ منٽ ۾ فقط ٻن انچن جو مفاصلو طئہ ڪري سگهندو آهي.

پڙهندڙن مان گهڻن کي ”ساپي“ (Earth Worm) جي تہ خبر هوندي. هي زمين جي اندر سرنگون ٺاهيندو سفر ڪندو آهي. اهي سرنگون خود ساپي وانگر ڏگهيون لڪيرون هونديون آهن. ساپي لاءِ سرنگن ٺاهڻ جو ڪم نهايت ئي صبر آزما آهي. ان کي هڪ جاءِ کان ٻيءَ جاءِ تائين سفر ڪرڻ لاءِ لازما سرنگ کوٽڻي پوي ٿي نہ تہ هو پکين جو شڪار بڻجي وڃي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ سفر جي دوران ڪو چالاڪ پکي ان سرنگ بازيءَ کي سمجهي وڃي ٿو ۽ هڪدم اچي مٽيءَ ۾ ان جاءِ تي چهنب هڻي، ساپي کي ختم ڪري ٿو. ساپي جو موت ٻيءَ صورت ۾ ائين بہ ٿئي ٿو تہ ڪڏهن ڪڏهن ساپو سرنگ کوٽيندو اچي زمين جي سطح تي ظاهر ٿيندو آهي ۽ پکين جو شڪار بڻبو آهي.

هاڻي اچو تہ بي حد چالاڪ ننڍڙين ماڪوڙين جي حرڪت ڪرڻ جي پراسرار ۽ عجيب طريقن بابت معلوم ڪريون. هي اڪثر ڏگهيون پليون ٺاهينديون آهن- وڻن جي شاخن جي درميان هي پليون آمد و رفت جو ڪم ڏينديون آهن ۽ ايتريون تہ باريڪ هونديون آهن جو عام طور تي نظر نہ اينديون آهن. بعضي بعضي هي ماڪوڙيون انهن پلين تي وينيون ئي هونديون آهن تہ هوا جي زبردست ٺاڦوڙن سان اهي پليون فضا ۾ اڏامي وينديون آهن ۽ اهڙيءَ طرح




• هن پرچي ۾ ٻه ٻارن جي صفحن کي دستوري ريت سينگارڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. ٻارن طرفان ٻه مضمون وغيره ڪافي انداز ۾ موڪليا پيا وڃن، جن مان ڇپجڻ جي لائق مضمونن جي چونڊ ڪري انهن کي نمبروار شايع ڪيو پيو وڃي. پر اسان کي هڪ دفعو وري ٻه اهو چوڻو پوي ٿو ته ڪيترائي ٻار اڪثر ڳالهيون نقل ڪري موڪلين ٿا جنهنڪري انهن کي ڇپهر ڇاپڻ اسين مناسب نٿا سمجهون. ان لاءِ اسان فيصلو ڪيو آهي ته ناقابل اشاعت مواد جي باري ۾ ڪين اطلاع ڏيئي ڇڏيون ته جيئن خوامخواه ڪين انتظار ڪرڻو نه پوي. اميد ته هڪ مهني اندر هننکي ٽپال رستي اهڙو اطلاع پهچي ويندو. ساڳئي وقت ڪين اها پڻ هدايت ڪجي ٿي ته جيڪي ٻار پنهنجي موڪليل مواد جي ڇپجڻ يا نه ڇپجڻ بابت بروقت اطلاع ملڻ جا خواهشمند هجن تنکي گهرجي ته هو پنهنجن مضمونن وغيره سان گڏ جوابي لفافو يا ڪارڊ ٻه موڪلين ته ڪين جلد اطلاع ڏيڻ ۾ وڏيڪ سهوليت ٿئي.

• "سائنس ڪلب" جي ميمبر شپ جو سلسلو جاري آهي. ڪوپن موڪليندڙ ٻارن جا نالا شايع ٿي رهيا آهن. ايندڙ پرچي ۾ انهن کي عملي سرگرمين جي باري ۾ ڪي هدايتون ڏنيون وينديون جن تي عمل ڪرڻ سان هو ڪلب قائم ڪرڻ جي مقصد ڏانهن وڌي سگهندا. ڪن ٻارن طرفان هڪ دفعو نالو شايع ٿي وڃڻ ڪانپوءِ ٻه ٻيو دفعو ڪوپن ڀري موڪليا پيا وڃن. ائين ڪرڻ سان مونجهارو پيدا ٿيندو تنهنڪري اهڙن ٻارن کي هدايت ڪجي ٿي ته اهي هڪ دفعو نالو شايع ٿي وڃڻ ڪانپوءِ ٻيهر ڪوپن نه ڀرين.

• هن پرچي ۾ "سائنسي ونڊر" (تجربن) وارو ڪالم جڳهه جي تنگيءَ سبب رهجي ويو آهي. اميد ته ايندڙ پرچي کان اهو سلسلو دستوري ريت جاري رهندو.

"انچارج ٻارن جا صفحا"

ڊاڪٽر يونس حسيني
مترجم - منظور احمد ميمڻ - حيدرآباد سنڌ

# راڪيٽ جو موجد

انسان اڄ چنڊ تي پهچي چڪو آهي. هن ڪان اڳ اها هڪ ناممڪن ڳالهه سمجهي پيئي ويئي پر هاڻي اها حقيقت بڻيل آهي. چنڊ تي پهچڻ جي انساني خواهش اوتري ئي پراڻي آهي جيترو خود انسان. چنڊ سان انسان جي اهڙي غير معمولي دلچسپيءَ جي باوجود اڄ ڪان ڪجهه سال اڳ تائين چنڊ تي پهچڻ جو خواب ڏسندڙن کي بيوقوف سمجهيو ويندو هو. اهڙن ئي بيوقوفن ۾ ”رابرٽ هچنگس گودارڊ“-(Robert Hutchings Goddard) به شامل هو.

رابرٽ هچنگس امريڪي رياست ميسا چوسٽس جي شهر ”وورسسٽر“ ۾ ۱۸۸۲ع ۾ پيدا ٿيو. ۱۹۱۱ع ۾ هن ڪلارڪ يونيورسٽيءَ مان پي-ايڇ-ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي ۽ پرنسٽن ۾ استاد جي حيثيت سان پڙهائڻ لڳو. ۱۹۱۴ع ۾ هو ڪلارڪ يونيورسٽيءَ ۾ واپس آيو ۽ هن راڪيٽ ناهڻ لاءِ تجربا شروع ڪيا ڇو ته راڪيٽ ئي هڪ اهڙو ذريعو هو جنهنجي وسيلي انسان جو چنڊ تائين پهچڻ ممڪن ٿي سگهيو آهي.

رابرٽ جو به اهوئي خيال هو ته جيڪڏهن تيز رفتاريءَ سان بلنديءَ تائين پهچڻ وارو راڪيٽ تيار ٿي وڃي ته چنڊ تائين پهچڻ ۾ سولائي ٿيندي. هو راڪيٽ بنائڻ لاءِ گهڻو ڪري تجربن ۾ مصروف رهندو هو ۽ آسماني فضا ۾ دلچسپي وٺندو هو. تنهنڪري ڪي ماڻهو هنکي خبطي سڏيندا هئا ۽ مٿس چٽرون ڪندا هئا پر هو انهن جي ڪابه پرواه نه ڪندي پنهنجيءَ ئي ڌن ۾ ئي لڳو پيو هوندو هو.

۱۹۱۹ع ۾ هن ٦٩ صفحن جو هڪ ننڍڙو ڪتاب ڇپرايو، جنهن ۾ ٻڌايو ته آسمان جي بلندين تائين



پهچڻ جو ڪهڙو طريقو ٿي سگهي ٿو. انهيءَ زماني ۾ ”زيا لڪووسڪي“ نالي هڪ ٻئي روسي سائنسدان به اهڙي قسم جا ڪي مضمون لکيا. اهو عجيب اتفاق آهي ته اڄ به انهيءَ زماني وانگر خلائي پرواز جي معاملي ۾ آمريڪا ۽ روس هڪٻئي جو مقابلو ڪري رهيا آهن پر ان ۾ به ڀرپور ڪاميابي آمريڪائي حاصل ڪئي آهي.

۱۹۲۳ع ۾ رابرٽ هچنگس پنهنجي راڪيٽ جو شروعاتي تجربو ڪيو ۽ نيٺ ۱۹۲٦ع ۾ سندس پهريون راڪيٽ فضا ۾ بلند ٿيو جيڪو ٻه فوٽ ڊگهو ۽ ڇهه انچ قطر جو هڪ بنسريءَ وانگر نهيل هو. ان ۾ گيسولين ۽ پاڻياٺي آڪسيجن جو مرڪب ”پارڻ“ طور استعمال ڪيو ويو هو. جڏهن ئي گيسولين ۽ آڪسيجن هڪٻئي سان مليون ته هڪ ڌماڪو ٿيو ۽ راڪيٽ فضا ۾ اڏامڻ لڳو. انساني تاريخ ۾ اهو پهريون ئي راڪيٽ هو جيڪو فضا ۾ ٻه سئو فوٽن جي بلنديءَ تائين ويو ۽ انجي رفتار فقط سٺ ميل في ڪلاڪ هئي. اڄ جيڪي ديون جيڏا راڪيٽ ڪيپ ڪينيڊي (آمريڪا) مان ڇوڙيا وڃن ٿا ۽ جنجي ذريعي انسانن کي چنڊ تي پهچايو ويو، انهن جي پيٽ ۾ اهو راڪيٽ هڪ ننڍڙي رانديڪي وانگر هو، پر هر وڏي ڪم جي شروعات

الين ئي ڪيل جهڙي ٿيندي آهي. رالٽ پسائرن جو ڀهريون هوائي جهاز به تراهڙوئي هڪ رانديڪو سمجهيو ويندو هو!

رابرٽ غريب ماڻهو هو. هن وٽ تجربن لاءِ پئسو ڪو نه هو پر هو ”سمٿ سونين انسٽيٽيوشن“ کان چند هزار ڊالر حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ پوءِ هن پنهنجيون ڪوششون زور شور سان جاري رکيون. جولاءِ ١٩٢٩ع ۾ هن پهريون تجربو ڪري ڏيکاريو. هن دفعي راڪيٽ جي رفتار به تيز هئي ۽ اهو وڌيڪ بلنديءَ تائين پهچي سگهيو، پر اهو تجربو هن کي مهانگو پيو ڇو ته پوليس کيس گرفتار ڪري ورتو ۽ کيس هدايت ڪئي ته اڳتي هو اهڙا ڌماڪا نه ڪري.

رابرٽ ان ڪانپوءِ گهڻو پريشان رهڻ لڳو. ان موقعي تي سندس هڪ سائنسدان دوست ”ڊينيل“ هنجي همت افزائي ڪئي ۽ کيس ڪجهه رقم مهيا ڪري ڏنائين. ان رقم سان هن ميڪسيڪو ۾ هڪ ويران جڳهه تي پنهنجي تجربي گاهه قائم ڪئي ۽ اطمينان سان ڪم ڪرڻ لڳي ويو. هاڻي هن اڃا به وڌيڪ تيز رفتار ۽ وڌيڪ بلنديءَ تائين پهچڻ وارا راڪيٽ تيار ڪرڻ شروع ڪيا. ١٩٣٤ع ۾ رابرٽ جيڪو راڪيٽ ڇوڙيو ان ۾ هن هڪ هواپيما، هڪ ٿرماميٽر ۽ تصويرون ڪيڏڻ لاءِ هڪ ڪئميرا پڻ لڳائي. تجرباتي اوزارن وارو اهو ڇڻ ڀهريون راڪيٽ هو. ان ڪانپوءِ به هن پنهنجن تجربن ۾ جيڪي سڌارا آندا، اهي اڄ به راڪيٽ سازيءَ لاءِ نهايت مفيد سمجهيا وڃن ٿا.

هاڻي هنجي راڪيٽ جي رفتار ٥٥٠ ميل في ڪلاڪ تائين پهچي ويئي هئي ۽ اهو ڏيڍ ميل جي بلنديءَ تائين وڃي سگهيو ٿي. هن هڪ اهڙو طريقو به ايجاد ڪيو جنهنجي مدد سان راڪيٽ کي پرواز دوران قابو ۾ رکڻ ۽ انکي پنهنجي مرضيءَ مطابق ڦيرائڻ ممڪن ٿي سگهيو. پوءِ هن ڪيترن ئي مرحلن وارو راڪيٽ پڻ تيار ڪيو تنهنڪري ائين چوڻ غلط نه ٿيندو ته اڄوڪن راڪيٽن جو شروعاتي نمونو هن شخص ئي پيش ڪيو هو پر سندس بدقسمتي هئي جو ان زماني ۾ حڪومت سندس ڪمن ۾ دلچسپي ڪانه ورتي جنهنڪري هو پنهنجي سڄي زندگي گمناميءَ ۾ گذاري مري ويو. البته ٻي عظيم جنگ ۾ آمريڪي حڪومت کيس هڪ اهڙو راڪيٽ تيار ڪرڻ لاءِ رقم ڏني جيڪو بحري جهازن تان هوائي جهازن جي پرواز لاءِ مفيد ٿي سگهي.

انهيءَ زماني ۾ رابرٽ جي اصولن کي اڳيان رکي جرمنيءَ جي سائنسدانن راڪيٽ ناهڻ شروع ڪيا. جيڪڏهين اهي راڪيٽ ڪجهه وقت اڳي ٺهي وڃن ها ته ٻي عظيم جنگ ۾ جرمنيءَ جي فتح يقيني ٿئي ها. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته رابرٽ، راڪيٽ سازيءَ کي ڪيتري حد تائين ترقي ڏني هئي. اهو ڪم هن اڪيلي سر ڪيو هو. اهو سندس اڻ ٿڪ محنتن جو نتيجو هو جنهنجو سندس زندگيءَ ۾ ته ڪوبه قدر ڪونه ٿيو پر اڄ هنجو نالو گهڻي عزت ۽ احترام سان ورتو وڃي ٿو.

١٠- آگسٽ ١٩٤٥ع تي جڏهين سندس انتقال ٿيو تڏهين اڃا خلائي دؤر شروع نه ٿيو هو تنهنڪري هو پنهنجي ڪم جي عظمت کي پنهنجين اکين سان نه ڏسي سگهيو پر اڄ هنجي ايجاد، انسان کي آسمان جي بلندين تائين پهچائي ڇڏيو آهي.

رابرٽ جي زندگيءَ مان اسانکي اهو سبق ملي ٿو ته اڻ ٿڪ محنت ڪڏهين به اجائي نٿي وڃي ۽ جيڪي ماڻهو انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ محنت ڪن ٿا، انهن کي انجو ڦل ضرور ملي ٿو پوءِ چاهي اهو جيئري ملي يا موت کان پوءِ.

# ڏينهن معلوم ڪرڻ جو ڪئلينڊر

ماهنامہ ''سائنس'' جي سالنامي ۾ صفحي ٨٣ تي مسٽر عبدالستار چنہ، سکر طرفان موڪيل '' ڏينهن معلوم ڪرڻ جو ڪئلينڊر'' شايع ٿيو هو جنهنجي باري ۾ مس فهميده ميمڻ حيدرآباد، انهيءَ نقشي ۾ ڏيکاريل غلطيءَ ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي ان ۾ ضروري درستي ڪرڻ لاءِ هيٺيون مراسلو ۽ صحيح نقشو موڪليو آهي تہ جيئن پڙهندڙن کي مونجهارو نہ ٿئي. ''انچارج - ٻارن جا صفحا''

ماهنامہ سائنس (ڊسمبر ١٩٧١) ۾ ڏينهن معلوم ڪرڻ لاءِ سال وار مهينن جي ڏينهن کي هفتن ۾ ورهائي مهينن جا انگ قائم ڪري نقشو ڏنو ويو آهي جنهن کي ڏسڻ سان هڪ غلطي معلوم ٿئي ٿي. ١٩٧٢ سال 'ليپ سال' هوندو آهي جنهن ۾ فيبروري مهينو ٢٩ ڏينهن جو ٿيندو آهي. انهيءَ ڪري هفتن جو تسلسل تہ قائم رهندو پر هڪ ڏينهن بچي پوندو ۽ اهو ٻئي ايندڙ مهيني يعني مارچ جي پهرئين هفتي ۾ شامل ٿي ويندو. مثلا جنوري ١٩٧٢ لاءِ (٥) انگ يعني ڇنڇر ٿئي ٿو، تہ فيبروري لاءِ (١) يعني اڱارو ٿئي ٿو. اڳتي مارچ لاءِ جڏهن انگ قائم ڪبو تہ تڏهن فيبروري ١٩٧٢ لاءِ چئن هفتن کان هڪ ڏينهن وڌيڪ هئڻ ڪري اڱاري بدران اربع لاءِ (٢) انگ رکڻو پوندو. اها غلطي جيڪڏهن درست نہ ڪبي تہ سڄو نقشو غلط انگن سان ٿيندو ويندو ۽ صحيح ڏينهن نہ معلوم ڪري سگهبو.

ڏينهن معلوم ڪرڻ جو طريقو ۽ مثال جيڪي ڏنا ويا آهن بلڪل صحيح آهن فقط ''ليپ سال'' ڏانهن توجهہ نہ ڏيڻ ڪري نقشو غلط ٿي ويو آهي. ان لاءِ هيٺيون چارٽ موڪلجي ٿو، جنهن ۾ ليپ سال ١٩٦٨ ۽ ١٩٧٢ خيال ۾ رکي مهينن جا انگ قائم ڪيا ويا آهن.

| سال | جنوري | فيبروري | مارچ | اپريل | مئي | جون | جولاءِ | آگسٽ | سيپٽمبر | آڪٽوبر | نومبر | ڊسمبر |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 1967 | 6 | 2 | 2 | 5 | 0 | 3 | 5 | 1 | 4 | 6 | 2 | 4 |
| 1968 | 0 | 3 | 4 | 0 | 2 | 5 | 0 | 3 | 6 | 1 | 4 | 6 |
| 1969 | 2 | 5 | 5 | 1 | 3 | 6 | 1 | 4 | 0 | 2 | 5 | 0 |
| 1970 | 3 | 6 | 6 | 2 | 4 | 0 | 2 | 5 | 1 | 3 | 6 | 1 |
| 1971 | 4 | 0 | 0 | 3 | 5 | 1 | 3 | 6 | 2 | 4 | 0 | 2 |
| 1972 | 5 | 1 | 2 | 5 | 0 | 3 | 5 | 1 | 4 | 6 | 2 | 4 |
| 1973 | 0 | 3 | 3 | 6 | 1 | 4 | 6 | 2 | 5 | 0 | 3 | 5 |

**نوٽ :-** (١) ١٩٦٧ جي جنوري مهيني جي پهرين تاريخ آچر جو ڏينهن آهي.

(٢) سال ١٩٦٨ ۽ ١٩٧٢ ليپ سال آهن.

(٣) هن نموني نقشو ٺاهڻ لاءِ گذريل صدين جي سالن لاءِ پوئتي ۽ ايندڙ صدين جي سالن لاءِ اڳتي مهينن جا انگ قائم ڪبا.

پڙهندڙ اهڙو نقشو پاڻ بہ ٺاهي سگهن ٿا. ان لاءِ هيٺيون هڪڙو مثال ئي ڪافي ٿيندو :-

سال ١٩٦٧ جي جنوري لاءِ انگ '٦' آهي ان ۾ جنوريءَ جا ٣١ ڏينهن جوڙ ڪبا تہ ٽوٽل ٣٧، ٿيندو جنهن مان ٥ هفتا ڪاٽڻ سان يعني ستن سان ونڊ ڪرڻ سان باقي ٻہ ڏينهن فبروري لاءِ قائم رهندا. اهڙيءَ طرح ايندڙ مهينن لاءِ ڏينهن جو انگ قائم ڪبو رهبو. رڳو اهو خيال رکبو تہ مهينن جا ڏينهن ڪيترا آهن يعني مهينو اٺاويهن ڏينهن جو آهي يا اوڻٽيهن ڏينهن جو؛ ٽيهن ڏينهن جو آهي يا ايڪٽيهن ڏينهن جو.



## حيوانن جي دنيا

# جانورن جون حيرت انگيز اکيون

اسان سڀني انسانن جون اکيون ته هڪجهڙيون هونديون آهن، پر اسانجي ۽ جانورن جي اکين ۾ وڏو فرق ڏٺو ويو آهي. عام طور تي هر جانور دنيا ۾ فقط اهائي شئي ڏسي سگهندو آهي، جنهن جي ان کي ضرورت هوندي آهي.

ان فرق جو سبب اکين جي حرڪت آهي جيڪا جانورن جي ڏسڻ جي قوت ۾ مدد ڪندي آهي. اهڙا ڪيترائي جانور آهن جن جون اکيون حرڪت نه ڪنديون آهن ۽ مٿي ۾ مظبوطيءَ سان لڳل هونديون آهن، جيئن ڏيڏر، جيت ۽ ڇپن جا ڪي قسم. جانورن جي اکين بابت تحقيقات ڪندڙ هڪ جرمن سائنسدان هڪ ڏينهن هڪ ڏيڏر کي ڏسي رهيو هو ۽ اهو سوچي رهيو هو ته هن جانور کي باغ ڪهڙيءَ طرح نظر ايندو هوندو! ڏيڏر بنا ڪنهن چرپر جي ويٺو هو ته اوچتو هڪ مڇر پنهنجا پر کوليا. ڏيڏر هڪدم پٺتي مڙيو ۽ پنهنجي ڊگهي زبان سان مڇر کي جهلي ورتائين ۽ وري ساڳي طرح اکيون بند ڪري ويهي رهيو. ان مان کيس معلوم ٿيو ته ڏيڏر کي باغ جو ڪو به وڻ يا پن ڏسڻ ۾ نٿي آيو. انهيءَ تجربي ڪانپوءِ هو ان نتيجي تي پهتو ته باغ ڏيڏر کي هڪ اڇي پردي وانگر نظر اچي ٿو، جنهن ۾ ان جي ضرورت جون شيون فقط ان وقت ظاهر ٿين ٿيون، جنهن وقت اهي حرڪت ڪنديون آهن. ٻين



اکرن ۾ ڏيڏر لاءِ باغ فقط هڪ ريڙهيون پائيندڙ جيت يا هڪ اڏامندڙ مڇر تائين محدود آهي.

اڪثر جانور اکين کانسواءِ پنهنجي ٻين حواسن کان وڏيڪ ڪم وٺندا آهن. مثلا: شڪاري ڪتا اکين کان وڌيڪ ٻين حواسن کان ڪم وٺي پنهنجي شڪار کي سڃاڻندا آهن. ٻين جانورن وانگر شڪاري ڪتي جي بصارت فقط ان وقت سٺي هوندي آهي، جڏهن ٻيا




## هيٺين سوالن جا جـــواب

پهرين پاڻ سوچي پنهنجي ذهني لياقت جو اندازو لڳايـــو

١ـــ زمين جي ڪل ماپ ڪيتري آهي ؟

٢ـــ سڀ ڪان پهريون خلائي فاتح ڪير هو ؟

٣ـــ ” ايڪس ريز“ ڪڏهن ۽ ڪنهن ايجاد ڪيا؟

٤ـــ ٽماٽو هڪ ميوو آهي يا ڀاڄي ؟

٥ـــ جيڪڏهن هڪ لوڻ سان ڀريل مٺ اڌ گلاس پاڻي وجهجي ته ڇا پاڻي جي سطح تي ڪجهه فرق پوندو؟

٦ـــ هڪ ڀَلُ ڪيترو وڏو ٿيندو آهي ؟

٧ـــ ”Lox“ ڇا کي چوندا آهي ؟

٨ـــ پيٽروليم جا چار وڏا جزا ڪهڙا آهن ؟

٩- آواز جي رفتار ڪيتري آهي ؟

١٠- سج ڪانوني زمين تائين ڪيترو مفاصلو آهي ؟

١١- سج ڪانوني چنڊ تائين ڪيترو مفاصلو آهي ؟

١٢- چنڊ جو قطر ڪيترو آهي ؟

١٣- زمين جي سطح جي پوري ماپ ڪيتري آهي ؟

١٤- سمنڊن جي جملہ ايراضي ڪيتري آهي ؟

١٥- ”زيرو ٽيمپريچر“ جي معنيٰ ڇا آهي ؟

١٦- ٻلي رات جو ڪيئن ڏسندي آهي ؟

١٧- ماپ جو بين الاقوامي سائينٽفڪ طريقو ڪهڙو آهي ؟

١٨- هڪ ميٽر (Meter) ۾ گهڻا انچ هوندا آهن ؟

١٩- چنڊ تي آواز ڇو ڪين ٿيندو آهي؟

٢٠- ٽيليويزن ڪهڙي سائنسدان ۽ ڪهڙي سال ۾ ايجاد ڪيو ؟

٢١- دنيا جي سڀ ڪان وڏي هيري جو نالو ڇا آهي ۽ انجو وزن ڪيترو آهي؟

٢٢- دنيا ۾ سڀ ڪان وڌيڪ ڇانور ڪهڙي ملڪ ۾ پيدا ٿين ٿا؟

٢٣- ماتا جو علاج سڀ ڪان پهرين ڪهڙي سائنسدان دريافت ڪيو؟

٢٤- زمين جي گول هجڻ جو نظريو سڀ ڪان اڳ ڪنهن پيش ڪيو؟

٢٥- دنيا جي سڀ ڪان وڏي ريڊيو اسٽيشن ڪٿي آهي؟

---

بقايا— **”جانورن جون حيرت انگيز اکيون“**

هونديون آهن، جنجي وسيلي هو وڌيڪ آسانيءَ سان ڏسي سگهنديون آهن. تازو جرمني جي ڊاڪٽرن آپريشن جي ذريعي هڪ انڌي ماڻهوءَ جي اکين ۾ ٻليءَ جون اکيون لڳايون. اميد جي خلاف اهو آپريشن ڪامياب ٿيو ۽ هاڻي اهو ماڻهو نه صرف ڏينهن جو پر ٻليءَ وانگر رات جو به چڱيءَ طرح ڏسي سگهي ٿو. جهينگي جون اکيون ننڍين ڏنڊين جي صورت ۾ ٻاهر هونديون آهن.

سيل مڇي ۽ دريائي گهوڙن جون اکيون عام مڇين وانگر هونديون آهن ۽ پاڻيءَ ۾ گهٽو ڪم ڏينديون آهن. البته وهيل مڇي جون اکيون جسامت جي لحاظ ڪان تمام ننڍيون هونديون آهن پر اها وڌيڪ چڱيءَ طرح ساڻ ڏسي سگهندي آهي. جانورن ۾ جسامت جي لحاظ ڪان گهوڙي جون اکيون وڏيون ۽ وهيل مڇي ۽ هاٿيءَ جون اکيون تمام ننڍيون هونديون آهن.

# سائنسي خبرون

خدا بخش ابڙو، حيدرآباد

## ننڊ آڻيندڙ مشين

امريڪا ۽ روس جي سائنسدانن پنهنجين گڏيل ڪوشش سان اهڙي مشين تيار ڪئي آهي، جنهن جي ذريعي انسان ضرورت مطابق گهري ننڊ ڪري سگهي ٿو. هن مشين کي "خواب آور مشين" نالو ڏنو ويو آهي. خواب آورگورين جي ابتڙ هن مشين جو استعمال انساني صحت تي اثر نٿو وجهي.

## عجيب آرسي

امريڪا جا سائنسي ماهر هڪ اهڙي آرسي تيار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهن، جيڪا دل جي سامهون رکڻ سان دل جون تمام خرابيون ظاهر ڪري ٿي. هيءَ آرسي جلدئي وڏي پيماني تي تيار ٿيڻ شروع ٿي ويندي ۽ هن جي قيمت صرف پنجاهه ڊالر هوندي.

## جيت مار هوائي جهاز

هوائي جهاز گهڻو ڪري سفر، سامان پهچائڻ ۽ بمباري جي ڪم ايندا آهن، پر هاڻي هڪ اهڙو هوائي جهاز به تيار ڪيو ويو آهي جنهن جو ڪم فصلن وغيره تي جيتن مارڻ جي دوا ڇٽڻ هوندو. هن جهاز جا پر پنيان لڳايا ويا آهن ۽ اڳيان پائلٽ جي وهڻ جي جڳهه آهي. هن ۾ هڪ موٽر ڪار ۽ هڪ پيڙي به فٽ ڪئي وئي آهي. هيءُ هوائي جهاز زمين ۽ پاڻي تي به هلي سگهندو. هن جو وزن هڪ ٽن ۽ قيمت ڏهه هزار ڊالر آهي.

## بناسپتي تيل

مڇرن ۽ اهڙي قسم جي ٻين جيتن کي مارڻ لاءِ اسين گاسليٽ يا ٻيون اهڙيون شيون استعمال ڪندا آهيون جن ۾ توري گهڻي تيزابيت هوندي آهي. پر هاڻي هڪ بناسپتي تيل تيار ڪيو ويو آهي جيڪو اهڙي قسم جي تيزابيت کان پاڪ آهي. هي تيل جانورن جي چربي مان حاصل ڪري سگهجي ٿو.

سڪندر علي مغل - لاڙڪاڻو

## ماڪيءَ جي مکين جي وفاداري

برطانيه ۾ هڪ شخص ماڪيءَ جون مکيون پاليون هيون جڏهن هن جو موت ٿيو ۽ ٻئي ڏينهن مکين کي پنهنجو مالڪ نظر نه آيو تڏهن اهي بيحد پريشان ٿي ويون. گهڻيون مکيون سندس گهر جو چڪر لڳائڻ لڳيون ۽ مايوس ٿي موٽيون. جڏهن هنن کي يقين ٿي ويو ته سندن مالڪ هن فاني دنيا ۾ موجود نه آهي ته ٽن ڏينهن اندر مانارو خالي ٿي ويو ۽ سڀئي مکيون غائب ٿي ويون. ان کانپوءِ گهرجي ڀاتين ڏٺو ته مکيون گهرجي مالڪ جي قبر تي پنهنجو مانارو ٺاهڻ ۾ مشغول هيون. اهو مانارو پوءِ ڪيترن ئي سالن تائين اتي قائم رهيو.

## هڪ پٽڙيءَ تي هلندڙ ريل گاڏي

فرانس ۾ هڪ اهڙي ريل گاڏي تيار ڪئي وئي آهي جيڪا صرف هڪ پٽڙيءَ تي هلي ٿي. اها پٽڙي ريل جي بالڪل وچ ۾ هوندي آهي. ان ريل گاڏيءَ جو نالو "ايئرو ٽرين" رکيو ويو آهي. هن ريل گاڏيءَ جي پٽڙي زمين تي نه ٿي ٺاهي وڃي پر اوچا اوچا ٿنڀا جوڙي، انهن تي سليپر وڇايا وڃن ٿا ۽ پوءِ ان تي ريل جي پٽڙي لڳائي وڃي ٿي. هن ريل گاڏيءَ ۾ چار سئو مسافر سفر ڪري سگهن ٿا ۽ هن جي رفتار ١٨٠ ميل في ڪلاڪ آهي.

(بقايا ڏسو صفحو ٣٠)

MONTHLY SCIENCE MAGAZINE
APPROVED BY THE DIRECTORATE OF EDUCATION, HYDERABAD REGION
Vol. 2 } FEBRUARY 1972 { No. 2




انسان جو بڻايل انسان

Printed by Aijaz Mohammed Siddiqui Manager Sind University Press, Hyderabad Sind
& Published by the Manager, Monthly "Science", Institute of Chemistry, University of Sind-Jamshoro.